٨- کاڌو هميشه شانت چت سان شڪر ڪري کائو. ڪاوڙ يا غصو هجي ته کاڌو نه کائو. ڪروڌ ۾ غدود (Glands) زهر ڇڪي، رت وهڻ ۾ ملائن ٿا. کائڻ وقت ڳالهايو نه.

٩- خوراڪ، دوا طور، فقط اهڙي کائو جيتري جسم رهڻ لاءِ ضروري آهي.

( Eat to live and not live to eat )

١٠- ميون ۽ ڀاڄين جون کلون لاهي ڦٽي نه ڪريو. انهن کلن ۾ تمام قيمتي معدني لوڻ ۽ طاقت جا جزا آهن جي کائڻ بلڪل ضروري آهن.

١١- ٻن ويلن جي وچ ۾ اهو ڪجهه به نه کائو. رسوئي کائيندي وچ ۾ پاڻي نه پيئو.

١٢- ڏينهن ۾ ٻه ڀيرا کاڌو نه کائو. پاڻ لڳي وڃڻ سبب گهٽجي ڪري ۽ کاڌي جا طاقت جا جزا ناس ٿي وڃن ٿا. وڏي کاڌي عيوض اوٻاريل شيون کائو. ڀاڄي جڏهن ۾ کاڌو اوٻاريو اهو ڦٽي نه ڪريو. اهو به ضرور واپرايو. ان ۾ به گهڻائي طاقت جا جزا آهن ٿا.

١٣- کاڌو هر روز ساڳئي وقت تي آرام سان کائو. کاڌو ان وقت کائو جڏهن سان ساڃهي ٿاسڪا ٿان هلندو هجي. کاڌي کائڻ بعد ڪجهه وقت آرام سان ليٽي پئو. ڪو به بدني يا دماغي پورهيو نه ڪريو.

١٤- کاڌي جون شيون صاف، سٺي ۽ ٺهيل جڳهه تي مکين کان بچائي رکو. رسوئي گهر کي ممڪن جيان هميشه صاف ۽ سٺو رکو.

١٥- کاڌي جي شين ۽ کائڻ پيئڻ جي سامان ۾ ٻنڌي ۽ ضرورت آهر آهستي آهستي قدر گهٽ ڪريو. اوچتي ۽ اڪيلي قدر گهٽ اقتصادي لاءِ سڪهي ٿي.

١٦- سر جهڙا ڪي جڏهن سڀ انعام خالقن ۽ هميشه ياد ڪريو ۽ رسوئي شروع ڪرڻ کان اڳ ان جي استتي ڪريو.

# ٻاجهن جي موما

( ڊي - سي - لالا )

١- ٻاجهي ڪاڪ اوڻ ٻاجهي ٻار
ٻاجهن سان لوڻ دل لڳاء
ڌرتي ماتا اوڻ پتا ۽ سورج ڪرو
آهي ٻاجهن ڪي ناهور.
انسان امر آتما ناه آهه،
انهن ڪي سرس ٻداو.

٢- هر موسم جو وارو آٻو
ٻاجهن جو وانگ ووپ ٻدلائو.
طاقت شڪتيءَ جو ڀنڊار
ٻاجهي ڪاڪ اوڻ ٻاجهي ٻار
ٻاجهن سان اوڻ دل لڳاء

٣- قدرت جو آهه ٻمار الهن سان
صحت گهڻيءَ جو ڀنڊار الهن سان
شرار جي اندران صفائيءَ جو راز
ٻاجهي ڪاڪ اوڻ ٻاجهي ٻار
ٻاجهن سان اوڻ دل لڳاء

٤- ڏڌ رس ٻاجهن ۾ دوا ٻاري آهه،
صحت کهڙي جو راز اهو آهه،
جهون شڪتي کي وڌاءِ
ٻاجهي ڪاڻ اون ٻاجهي ٻار
ٻاجهن سان اون دل لڳاءِ

٥- ساري جهڙي ٻاجهي ڪاڻ
جهون کي اون ليڪ هلاءِ
ٻماري کي جلد ڀڄاءِ
ٻاجهي ڪاڻ اون ٻاجهي ٻار
ٻاجهن سان اون دل لڳاءِ

٦- گهر موري ٻيا ڙها نماڻا
هڪ وار ڪائي ڏس اون ڪيا
ٻالڪ کي ٻاجهي کور چراءِ
ٻاجهي ڪاڻ اون ٻاجهي ٻار
ٻاجهن سان اون دل لڳاءِ.

C. H. A. No. 11/371 Call on: 262579

**With best compliments from:**

**Ramji Bhanji Thakkar**

**Shipping, Clearing, Forwarding,**
**Rly. Baggage, & Insurance Agent**

18, Nazir Bldg., 8/12, Calicut St.,
Ballard Estate, BOMBAY-1 BR.

# وديارٿي ۽ نروڳو جيون

ليکڪ: آڏواڻي - ڪي - وي

( M.A. Cand: S.T.C.

وديا جي ڪيتر ۾، وديارٿين جي جيون جي چڱي طرح طرح اوري ٿي - وديارٿي جيون جا ٽي ٽي ڀاڱا آهن. اوچ ڪوٽيءَ جا وديا گهرو، جيڙوڪ ڀوڳي ارپڻ، وشو ڪري ناڪرڻ، ڀوڳي ڪري، ساڌو واسواڻي وديارٿين جي جيون ۾ روشن مينار ۽ سچا سواهان هئا.

ڪلا، وگيان، اخلاق، قوميت ديش ڀڳتي، انسان کي سچي معلم ڏين ٿا، ۽ اروڳو جيون کان سواءِ وديارٿي، اڪو سچو انگريڪ اسڄي سگهندو، اڪو ڀورن شهواداري.

وديارٿين کي اخلاق وديا سان گڏ ڀدائي ورزش جي ۾ ضرورت آهي. شري ارپڻو جي "الٽرامعدل سينٽر آف ايجوڪيشن" ۾ وديارٿين کي الوڪي امولي ڀدائي سکيا ( Physical Training ) ڏني وڃي ٿي. اوڙ ۽ جالبازيءَ جي ڪمن ( Gymnastits ) جي شرطن ۾ شاگرد ڀاڱو وٺندا آهن. فوٽ بال ۽ ٽينس والڊان جي چٽاڀيٽيءَ ۾ ڀاڱو وٺندا آهن ۽ ڊوڪ ڊوڙ جي شرط ۾ ڀاڱو وٺندا آهن.

آشرم جي جيون سادگيءَ ودياريٿين لاءِ ڪافي
سڌارڪ ثابت ٿيا ۽ روحاني سکيا ڏيڻ لاءِ مددگار رکيون
ٿا. سڌارڪ ثابت ٿيا ڪالسواه روحاني سکيا فائدمند ٿي ۽
سکڻدي. شري اربندو جو اهو وشواس هو ته جيون
ودياريٿي ۾ اڻون راست سڌارڪ ثابت ٿيا ۽ شڪتي آهي
اهو ودياري لي روحاني آدرشن ڪري اوري طرح
ايمانئ ۾ ڪامياب ٿيندو.

ودياريٿين جي لاءِ آهار جي سري سان هڪ
سندو ايڪ مستو اهتر ترپ لڪيو آهي هو لٻن جو
رهاڪو آهي. ليا سادت ۾ آهي ۽ "سندت مست"
فلاسافي" جو ۽ چڱو ڄاڻو آهي. سندس وچار آهي ته
"ڪڏهن ۽ حالت ۾ ماس مڇي وغيره نه کپي. جيڪس
ڪراليست ۽ ڪو ويندو هو. ڪو لم ٻڌ، مهاتما گانڌي
۽ ويندو هو. جيڪڏهن انسان جي دوشٽيءَ ۾ اور ٿا،
لرملعا، مڌر ٿا ۽ زاده سعا جاڳائي آهي ته ڪيس ٻهڻجي
ڪاڏي جو وچار ڪرڻ کپي. ڀروپ ۾ مجلس ۾ ڪير
ٻماڪ سوڙن ۽ رڻن جو گوشت ورتاءُ ويندو آهي.
ڪڏهن ۽ سمجهو ماڻهوءَ کي جڏهن ڪير ٻماڪ جانورن
جي گوس جو دوشهه اکين اڳيان ايندو ته ڪيس
ڏڪو ايندو. ودياريٿين کي لڏهن ڪري اهن اردگي
کاڌن جو وچار ڪرڻ کپي ۽ ماس وغيره ڇڏي ڏيڻ
کپي. اوٻاريل ڀاڄيون، ميوا، کير ۽ مکڻ سالوڪي سياه

کي وڏيڪ ھڻتو ڪندا. گوشت، مڇي، بيدا وغيره تامسي سڀاءَ کي ھڻتو ڪندا. تامسي سڀاءَ تروڳه جيون لاءِ نقصانڪار آھي." ساڌو واسواڻي ٻــــ وديارٿين جي ويچار، وھنوار ۽ وچن جي شڌتا ۽ پوترتا تي زور ڏيندو ھو. ڪين چرتر شڪتي وڌائڻ لاءِ سکيا ڏيندو ھو. برھمچريه تي خاص زور ڏيندو ھو. تروڳه جيون لاءِ اھي سڀيئي آدرش ڪارائتا آھن. جيڪڏھن انھن ڳالھين ۾ وديارٿي سچيءَ دل سان چاھه ڏيندا ته سندن جيون ھڪ سرڳه ٻريو بڻجي نو جيون بڻجي سگھندي. اھڙي ڪاريه ۾ سڦلتا حاصل ڪرڻ لاءِ، وديارٿي اڪيلي سر گھڻو حاصل ڪري نه سگھندو. ڪيس، سچي وديا گروءَ جي ضرورت آھــــي. ڪيس صحت منڊلين ۾، ورزش جــــي آکــــاڙن ۾، ويشنو ڪلبن ۾ ۽ ٻنگتي ڪاريه ۾، ٻين سڌير ھستين سان گڏجي چاھه ونڊ گھرجي. تـــروڳه جيون، آدرشي وديارٿيءَ لاءِ جيون جي گـــلابي ٻرياٽ پيدا ڪري تو سگھي.

✡ سماپت ✡

# موجوده حالتن هيٺ قدرتي علاج

قدرتي جيون جي مهانتا سمجهندي به، قدرتي علاج پريمي سماج ۾ پڻ سيني سان گڏ اُٿندي ويهندي ڪجهه دقت محسوس ڪن ٿا.

ڪي سمجهندا آهن ته قدرتي کاڌا تمام مهانگا آهن ۽ وقت ٿي جي ڪجهه دوست هڪ ٿي وقت گڏ اچي وڃن ته اُنهن جو آدرستڪار ڪرڻ خرچ جي خيال کان مشڪل آهي. پر اهو اجايو وهم آهي. اهو سچ آهي ته ميوا ۽ ڀاڄيون اڳي کان گهڻيون وڌيڪ مهانگيون آهن پر ٻيون شيون وري ڪهڙيون گهٽ مهانگيون آهن؟ پيٽ ڪبي ته سڀ شنڪائون دور ٿي وينديون. مثال طور (۱) هن وقت هڪ سئو ڪيلو ڏهين پئسي ڪن ملي ٿو ته هڪ سئو بسڪيٽ به ڏهين پئسي کان گهٽ ڪونه آهي. رواجي بسڪيٽ به قريب هڪ آني ملي ٿو ته ننڍو چڪون يا ڪيلو به ساڳئي ملهه ۾ ملي سگهندو. (۲) هڪ ملڪ روز جو گلاس هن وقت هڪ رپئي ڪن ملي ٿو ته ٻئي طرف هڪ تازو ملائي يا پاڻيءَ وارو ناريل به هڪ رپئي کن ملندو. (۳) رواجي شربت جو گلاس چئين آني کان گهٽ ڪونه آهي اُن جي عيوض ٻيرا جو گلاس به چئين آني ملي ٿو پر قدرتي کاڌن مان

ملندڙ خورش ٻين بازاري شين کان گهٽي وڌيڪ آهي، اهو ڪيئن وساري سگهبو؟ ٻئي طرف وري عام طرح ڪم ايندڙ شين ۾ لڳندڙ وقت، ڪم ايندڙ ٻاسڻ ٻرڻ ۽ ٻيو هٿ خرچ وغيره جيڪڏهن ڳڻبو ته پوءِ قدرتي کاڌا ڪڏهن به مهانگا ڪين لڳندا.

ٻين ڪن جو وري رايو آهي ته قدرتي علاج معنيٰ گهر ڇڏي جهنگل ۾ رهڻ يا سماج کان ڪنارو ڪري پري رهڻ. پر اهو به هڪ اجايو خيال آهي. سچ ته قدرتي علاج جا حامي سماج ۾ رهندي نه فقط پاڻ قدرتي جيون گهاري سگهن ٿا پر ٻين ڀليل پاڙن کي به آهستي آهستي موڙي صحيح رستي تي آڻي سگهن ٿا. شنڪا نوارڻ لاءِ ڪي سولا، سستا، سنا ۽ آزمايل نسخا ( Recipes ) ڏجن ٿا.

عام طرح گهر آيل مهمان جي آدرستڪار لاءِ بزار مان ڊبلروٽي، چولا، پڪوڙا گهرايا ويندا آهن. اُن جي عيوض قدرتي جيون جا حامي ان کان گهٽي گهٽ خرچ ۾ جلد هضم ٿيندڙ ٽماٽن جي سلاد کان ڪم وٺي سگهن ٿا.

**سلاد ٺاهڻ جو طريقو**

ڪچ ڳاڙها ٽماٽا آڻيو. هڪ پاسو ڪٽي، اُنهن کي اونڌو ڪري، رس يا ڳر ڪڍي اُنهن ۾ سنهي ڪٽيل سائي ڀاڄي، ڌاڻا، ميٿي، چوڪو ۽ ناريل جون

سنهيون ڪريون وجهو. اهڙيءَ طرح پريل ٽرنگا ٽماٽا دل کي ڇڪيندڙ، تمام سوادي ۽ جلد هضم ٿيندڙ پڻ آهن. ڪن وقتن تي وري آيلن جي مهمانيوازي لاءِ پوريون پڪوانن وغيره سان ڪئي ويندي آهي. انهن جي بدران پاڇين جا پراٺا يا ڦلڪا پچائي مهمانن کي ڪارائي سگهجن ٿا. ڦلڪن يا پراٺن جا ڪجهه نمونا هيٺ ڏجن ٿا.

(۱) سنهي ڪتر ڪيل پٽائي گجر اٽي ۾ ملائي ڦلڪو يا پراٺو ( Carolene - Roti ) ٺاهي سگهجي ٿو.

(۲) پالڪ جي رس ۾ اٽو ڳوهي ساءُ ڦلڪو ( Chlorophyl - Roti ) پچائي سگهجي ٿو.

(۳) پيٽي جي رس ۾ اٽو ڳوهي، پيٽي جو ڦلڪو ( Alkanizer - Roti ) پچائي سگهجي ٿو.

(۴) ڪيلي جي ڳر ۾ اٽو ڳوهي ڪيلي جو ڦلڪو ( Glucose - Roti ).

(۵) ڪدو ڪش ڪيل ناريل اٽي ۾ ملائي ناريل جو پراٺو ( Cellulose Roti )

اهڙيءَ طرح گوبيءَ جو پراٺو، موريءَ جو پراٺو، ٽماٽي جو پراٺو ٺاهي سگهجي ٿو. سواد لاءِ، جي ضرورت محسوس ڪجي ته ٿورو لوڻ، ڪارو مرچ يا ٿورو منارڪ گڏي سگهجي ٿو. شروع ۾ اٽو ڪجهه ڏاڍو (سخت) ڳوهجي، جو ٿورو وقت رکڻ بعد پاڻهين نرم ٿي ويندو.

کتاڻ يا آچار جـــي عيوض ٽڙن ساون ڏاڻـــن ، ڦودني ، ساون ۽ گداموڙيءَ جي چٽڻي يا وري کدو ڪش ڪيل ناريل ، ڳاڙهن ٽمانن جـــي چٽڻي ڪـــم آڻجي . سواد لاءِ ٿورو لوڻ گڏي سگهجي ٿو .

چانهه يا ڪافيءَ جي بدران نارنگيءَ جي کلن جي چانهه يا کجور جي ڪڪڙين جي ڪافي ٺاهي سگهجي ٿي . رواجي طرح هرڪو نارنگيءَ جون کلون ۽ کجور جون ڪڪڙيون ٻاهر ڦٽي ڪڍي ڪندو آهي . آئينده اهي ڦٽيون نه ڪريو اُنهن کـــي سڪائي رکو . چڱيءَ طرح سڪي وڃڻ بعد نارنگيءَ جـــون کلون ڪٽي پائوڊر ڪري شيشي ۾ پري رکو . اهڙيءَ طرح کجور جـــون ڪڪڙيون سڪائي تـــئي تـــي ڀڃي بلڪل ڪاريون ڪـــري ( ساڙي ) ڪٽي پـــائوڊر ڪري شيشيءَ ۾ بند ڪري رکو . پوءِ ڪافي يا چانهه ٺاهڻ لاءِ پاڻي ٻاهه تي ٽهڪائڻ رکو . پاڻي ٽهڪي وڃـــڻ بعد هـڪ ڪـوپ لاءِ هـڪ چمچو ۽ پائـــوڊر ضرورت آهر مٺاڻ ملائي بـــه ٽي منٽ ڍڪي رکو . پسنديءَ موجب کير ملائي پاڻي ڪوپ ڀري مهمان کي پيڻ لاءِ ڏيو . ڪيس پڌايو ته ڪافي يا چانهه ڏني ويئي آهي . بنا ڪنهن شڪ جي هو کجور جي ڪڪڙين جي ڪافي پي ويندو ۽ ڪڏهن به محسوس نه ڪندو تـــه کو کيس ڪافي نه پر ٻيو ڪجهه پياريو ويو آهي . نارنگيءَ

جي کلن جي چانهه رنگ ۾ چانڊ جيان نظر ايندي ۽ سواد ۾ به وڻندڙ لڳندي .

## مکڻ ۽ کير جي رس جو پيئڻ ( Milk Shake )

کنهن به سٺي ميوي سان کير گڏي Milk Shake ٺاهيو. سڀ خوش ٿي پيئندا ۽ پيئندا به ساڳئي وقت خورش به حاصل ڪندا.

(*) ٺاهڻ جو طريقو (*)

ڪيلو، پپئيو، انب، صوف يا ڪو به پيو مندائتو مٺو ميوو ننڍيون ٽڪريون ٽڪريون ڪري گلاس ۾ وجهي چمچي سان مهٽيو س . بيٽر (Beater) يا مڪسر (Mixer) هجي ته ٿورو پاڻي، کير ۽ مناڻ ملائي منٽ ٻن ۾ تيار ڪري سگهبو . انهيءَ حالت ۾ گلاس ۾ چمچي سان مهٽي مهٽي پيسٽ ٺاهيو، پوءِ اُن ۾ پاڻي، کير، مناڻ ملائي سٺو ۽ سوادي پيئڻ ٺاهيو. ٻار به ٻيئو ۽ ٻين کي به پياريو . اوچتو ڪو ڏيک مهمان اچي وڃن ته پاڻي ۽ مناڻ گڏي اُن مان ٿي پيئڻ انداز ته سولائيءَ سان ڪري سگهبو .

رواجي طرح هر گهر ۾ دانهن آهي ته ڪمزوري آهر وٽامنس جي گهٽتائي آهي . ڊاڪٽر طاقت جون گوريون کائڻ ۽ سيون هڻائڻ لاءِ صلاح ڏين ٿا. وٽامنس جي ڪميءَ جي پورائيءَ لاءِ :-

(۱) ڪڻڪ جو اَٽو ڇلهو پيهايو ۽ انهي مان ڇاڻ

ڪڍي ڦٽو نه ڪريو. اٽي جي ڇاڻ ۾ "وٽامن بي" آهي جو هاضمي جي ڪار ۾ مدد ڪري ٿو. اڃا به وڌيڪ خورش پائڻ لاءِ ڪڻڪ کي صفا ڪري هڪ رات پاڻيءَ ۾ پسائي رکو. صبح جو پاڻيءَ مان ڪڍي ڪنهن ٿلهي ڪپڙي ۾ ٻڌي ڇانوَ ۾ ٽنگي ڇڏيو؛ ۽ ڏينهن ۾ ٻه يا ٽي دفعا اُن تي ٿورو پاڻي ڇٽڪاريندا رهو. ٻن يا ٽن ڏينهن ۾ اُن ۾ ساوا سلا نڪرڻ شروع ٿيندا. پوءِ اُن سلن نڪتل ڪڻڪ کي سڪائي پيهايو. هن اٽي ۾ "وٽامن سي" پڻ ٿئي ٿو. سلن نڪتل اَن ۾ ٿورو مقدار ملائي ڪچو کائو ته اُن مان "وٽامن اِي" ملي سگهندو. سلن نڪتل اَن جي روٽي مٺن پيشابن جا بيمار به ٻنا ڪنهن ڊپ جي کائي سگهن ٿا ڇاڪاڻ ته سلن نڪرڻ ڪري نشاستو اَن ۾ جذب ٿي ٿو وڃي. هن قسم جي روٽيءَ سان گڏ جيڪڏهن ڪجهه ڪچين ساين ڀاڄين جو به استعمال ڪجي ته هن نگري بيماريءَ کان جيڪر هميشه لاءِ مڪتي پائي سگهجي.

(٢) کير ڪڏهن به نه ٽهڪايو ڇاڪاڻ ته ٽهڪائڻ سان کير مان ملندڙ "وٽامن اِي" ناس ٿي ٿو وڃي. "وٽامن اِي" ناس ٿيڻ سبب کير مان ملندڙ ڪئلشم بدن ۾ جذب ٿي نٿو سگهي. اهڙيءَ طرح ٽهڪايل کير مان نه فقط خورش نه ٿي ملي پر اُلٽو اُن مان

قبضي ٿئي ٿي. ان ڪري ڪير هميشه تازو پيئو. تازي سنئي ڪير لاءِ ڪير ڏيندڙ ڳانءِ يا ٻڪريءَ جي صحت ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏيڻ لازمي آهي.

(۳) صابڻ جو واهپو بند ڪريو. صابڻ سرير جي مٿي صفا ڪرڻ سان گڏ بدن جي چمڙيءَ جو سٺي ۽ ڪيڏي تو چڏي جنهن ڪري چمڙيءَ ۾ خشڪي پيدا ٿئي ٿي. بدن جي صفائيءَ لاءِ مٽي، ٻيسڻ، يا شڪاڪائي واپرايو. انهن جي استعمال سان چمڙيءَ جي سوراخن مان نه رڳو مٽي ۽ غلاظتون نڪرن ٿيون پر چمڙي به صاف، نرم ۽ سٺي رهي ٿي.

ساڳئي نموني صابڻ لڳائڻ سبب مٿي ۾ پيدا ٿيل خشڪي مٿي جي وارن جي حياتي گهٽائي ٿي ۽ اُهي جلد ڇڻڻ لڳن ٿا. سچ ته ننڍيءَ وهيءَ ۾ اَڇن وارن ٿيڻ جو مکيه ڪارڻ صابڻ آهي.

(۴) خوشبوءِ دار تيل جو واهپو به يڪدم بند ڪريو. هي تيل معدني تيلن ۾ ڪيميائي خوشبوءِ جا ست ملائي ٺاهيا وڃن ٿا. انهن تيلن جو واهپو به اڇن وارن ٿيڻ جو هڪ سبب آهي. بدن ۽ مٿي کي لڳائڻ لاءِ رواجي سرنهه جو تيل يا ڪوپروئي ٺيڪ آهي. پر جي پيو ڪو خاص تيل لڳائڻ جو ويچار هجي ته برهمي يا آورن جو تيل گهر ۾ سولائيءَ سان ٺاهي سگهجي ٿو.

طريقو:

جڏهن تازا آورا ٻزار ۾ ملن تڏهن انهن کي ڪٽي اندرا ٻج ڪڍي ڪنهن ويڪري منهن واري شيشي ۾ ڪوپرو وجهي ان ۾ آورا وجهي اُس ۾ رکو. شيشي جو منهن ڪنهن سنهي سفيد ڪپڙي سان ٻڌي ڇڏيو. ڏهن ڏينهن کن ۾ آورن جو تيل تيار ٿي ويندو پر ان هوندي به ان تيل کي ڪجهه وڌيڪ ڏينهن اُس ۾ رکندا رهو.

تازن آورن نه ملڻ جي حالت ۾ سڪل آورا ٻزار مان وٺي ڪٽي پائوڊر ڪري، ڪوپري ۾ ملائي ساڳي نموني تيل ٺاهي سگهجي ٿو. اهڙي نموني برهمي تيل به ٺاهي سگهجي ٿو. اُس نه هئڻ جي حالت ۾ هلڪي باهه تي ڪنهن برتڻ ۾ وجهي ساڳيو تيل ٺاهي سگهجي ٿو.

نوٽ: فقط شروعاتي ڳالهيون سمجهايون ويون آهن. عمل ۾ آڻڻ سان ٻيون به ڪيتريون ڳالهيون سمجهه ۾ سولائيءَ سان اچي وينديون. مهرباني ڪري ٻين کي به پنهنجي شخصي عملي آزمودن کان واقف ڪريو ۽ اهڙيءَ طرح قدرتي علاج جو ڦهلاءُ ڪريو.

# دکہ کان ڇوٽڪاري پائڻ جي هڪ سچي ڪهاڻي

## ( قدرتي علاج جي اصولن سمجهڻ بعد پاڻ ۽ ٻين تي ڪيل شخصي سچا آزمودا )

منهنجي پاسي ۾ هڪ ١٦-١٧ سالن جو رشت پشت وديار ٿي رهندو هو. هو روز صبح جو سوير اٿي ڏند ٻينڪون ڪري، اشنان ڪري خورش بخشيندڙ سالوڪو کاڌو کائي اسڪول ويندو هو. هو يوگ آسڻ ۾ ڪيترائي ڄاڻندو هو ۽ نيم سان ڪندو به رهندو هئو. ڊوڪ ڏوڙ ۽ ٻين ڪيترين ئي راندين ۾ به هو چڱو چاڪ وڻندو هو.

هڪ ڏينهن هو مون وٽ گهر ۾ آيو ۽ ڪجهه شخصي مسئلا ٻڌايائين. هن کي سپن دوش جي تڪليف هئي. ٻڌائين مهني ڏيڍ، ٻه هڪ نه ٻئي ڏينهن ۾ سپن دوش ٿيندو هوس. شرم ڪري هو ڪنهن سان ڳالهه نه ڪندو هئو. ڪجهه سوچ ويچار بعد اشتهاري دوائن جو سهارو ورتو هئائين جنهن سبب فائدو نه ته ٿيس پر مٿس به سچو موهيڙن سان خراب ٿي پيو هوس. دائمي زڪام جي تڪليف به شروع ٿي هئس. رات جو ننڊ به سٺي نه ايندي هئس. لانگوٽ به هميشه ٻڌڻ جو نيم ڪري ڇڏيو هئائين.

مون هن کي سڀ دوائون يڪدم بند ڪرڻ لاءِ چيو.

لانگوٽ فقط آسڻ ڪرڻ وقت ۽ ڏينهن جو استعمال ڪرڻ لاءِ چيو. رات جي وقت لانگوٽ نه واپرائڻ لاءِ ڪيس سمجهايو ويو، ڇو ته ۲۴ ڪلاڪ لاڳيتو لانگوٽ ٻڌڻ سان اندريءَ ۾ رت جو دؤرو گهٽ رهي ٿو جنهن ڪري اندريءَ ۾ ڪمزوري اچي وڃي ٿي.

سپن دوش سبب هن کي ڪاڪوس صاف نه ايندو هئو جنهن ڪري گئس جي تڪليف ۾ ٿي پيئي هئس. اُن لاءِ هن کي صلاح ڏني ويئي ته:-

۱- رات جو روٽي کائڻ بند ڪري.

۲- ننهن سوسڙي پاڻيءَ سان ڊوش ڪري پيٽ صفا رکي.

۳- ٿڌي پاڻيءَ جو ٽب اِشنان وٺندي نهائينءَ کي آلي ڪپڙي سان مهٽيندو رهي.

( Frictional Hip Bath )

۴- ڏينهن جي روٽيءَ ۾ ڪچيون سايون ڀاڄيون، منڊائتو ميوو ۽ ڳائي کير جي ڏهيءَ مان مکڻ نڪتل ڏڌ جو واهپو وڌائي.

آسڻ ڪرڻ ۾ جي هو ڪجهه غلطيون ڪندو هئو، سي سڌاريون ويون.

پاڻڪن جي جاڻ لاءِ آسڻ ڪرڻ لاءِ عام هدايتون هيٺ ڏجن ٿيون:-

١- آسڻ هوادار جڳهہ ۾، هيٺ زمين تي وڇايل، تہ تيل، گلم يا فراسيءَ تي ڪرڻ گهرجن.

٢- آسڻ خالي ۽ صفا پيٽ تي ڪرڻ گهرجن. پيٽ صفا نہ آيو هجي تہ ڊوش ڪري پيٽ صفا ڪجي.

٣- آسڻ شروع ۾ پندرهن منٽن کان وڌيڪ نہ ڪرڻ گهرجن ۽ هڪ ڪلاڪ کان وڌيڪ وقت لاءِ ڪڏهن بہ نہ ڪرڻ گهرجن. آسڻن ڪندي وچ وچ ۾ جلد جلد ٿوري ساهي ضرور پٽڻ گهرجي.

٤- آسڻن ڪرڻ وقت اونها ۽ وڏا ساهہ کڻڻ گهرجن. ساهہ هميشہ نڪ رستي، کڻڻ گهرجي. وات بند رکڻ گهرجي.

٥- آخر ۾ شو- آسڻ ضرور ڪرڻ گهرجي. شوآسڻ ڪرڻ (ڍرائي وٺڻ) جو طريقو:- پٽ تي پٺيءَ ڀر ليٽي پهريائين سڄو بدن سيٽي، ٻانهون ۽ ٽنگون ڊگهيون ڪريو. پوءِ ٻانهون پاسن کان ڍريون ڪريو جڻ تہ بيجان آهن. پيرن جي آڱوٺي جي چوٽيءَ تي ڌيان لڳائي پوءِ ڍرو ڇڏيو ۽ آهستي سڄو بدن پير، ٽنگون، سٿر، چيلهہ، ڪرنگهو، ڪلها، ٻانهون، هٿ جي آڱرين جون چوٽيون وغيره مطلب تہ بدن جو هر عضوو ڍرو ڇڏيو. ڪاڏي نہ ڙائي ڇڏيو جهمڻ منهن جون مشڪون بہ ڍريون ٿين. من کي خالي رکو. سڀ ڳالهيون وساري ڇڏيو. پاڻ کي ائين

سمجهو جڻ ته ڪو ترميو ڳڏو آهين. ٿورو وقت ان حالت ۾ رهڻ بعد، اوٻاسيون ڏيئي ٽنگن ٻانهن کي ٻ گهيري آهستي آهستي اُٿي ڪڙا ٿيو. شو آسڻ بدن جي ڇڪ، سيت ۽ ٿڪاوٽ دور ڪرڻ ۾ هٿي ڏئي ٿو.

هن کي ٻين آسڻن ڪرڻ سان گڏ "پراڻيام" ۽ "اُڏيان بند" ڪرڻ لاءِ سمجهايو ويو. ٻانڪن جي جاڻ لاءِ ان جو پڻ صحيح طريقو ٿوري ۾ هيٺ ڏجي ٿو.

## پراڻيام يا اُپن ساهن کڻڻ جو طريقو:

(١) پدم آسڻ ۾ ٿي ويهو. پٺيءَ جو ڪرنگهو سڌو رکو. لاچاري حالتن ۾ بستري تي سڌو سمهي پئو.

(٢) واٽ بند ڪري، نڙيءَ کي ٿورو سيٽي، نڪ جي ناسن رستي آهستي آهستي هوا اندر ڇڪڻ شروع ڪريو. ساهه کڻڻ وقت ڇاتيءَ کي نه وڌايو پر پاسرين جي پڃري کي پاسن کان وڌايو. ساهه کڻي رهڻ بعد آهستي آهستي هوا ٻاهر ڪڍو، پاسريءَ جي پڃري کي سسايو ۽ پيٽ کي اندر ڇڪيو. اهڙيءَ ريت پهرين دفعي پنج کن اُپا ساهه کڻڻ ۽ ڪڍڻ گهرجن وڌيڪ نه. فقط ايترو خيال رکو ته ساهه کڻڻ ۾ جيترو وقت لڳي ٿو، اُن کان ٻيڻو وقت ساهه ٻاهر ڪڍڻ ۾ لڳايو. آهستي آهستي اُپن ساهن جو انداز وڌايو ۽ وڌ ۾ وڌ ڏينهن ۾ ٽي يا چار دفعا، هر دفعي پندرهن

يا ويه ۾ ڪل سٽ کي آيا ساهه کڻون. اهڙيءَ طرح نيڪ نموني آيا ساهه کڻڻ سان جلد ئي پنهنجي صحت ۾ بيهڪ ۾ چڱو سڌارو ڏسي سگهندا.

## اڏيان بند ڪسرت ڪرڻ جو طريقو:

سڌا ٿي بيهو. پير هڪ ٻئي کان فوٽ سوا پري رکو. آهستي آهستي اونهو ساهه کڻون ۽ وري ٻاهر ڪڍو. ٻئي ساهه کڻڻ کان سواءِ ئي پنهنجو پيٽ اندر ڇڪيو جيئن منجهس کڏ ٿي بيهي. هاڻي ٿورا گوڏا موڙيو، هٿ سٿرن تي رکو، بدن ٿورو اڳتي نمايو. جيستائين ساهه روڪي سگهو اوستائين آسڻ جاري رکو. ٿورو آرام ڪري وري ٻيو دفعو ڪسرت ڪريو. اهڙيءَ طرح ٽي دفعا ڪن ڪريو. آهستي آهستي وڌائي ڏهن دفعن تائين ڪريو.

اڏيان بند ڪسرت پيٽ ۽ دن کان هيٺ جسم جي گلڦڙن کي طاقت ۾ نيڪ ڪارروائي ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿي. پراڻيام (آيا ساهه) ڦڦڙن کي شڪتي بخشي ٿو. رت صاف ڪري ٿو. رت جو دؤرو نيڪ رکي ٿو ۽ سچي معنيٰ ۾ سچي سرير ۾ وري جواني اچي ٿي وڃي.

اهڙيءَ طرح بنا ڪنهن اجائي خرچ جي نه فقط هن جي سڀن دوش جي تڪليف دور ٿي ويندي پر اُن سان لاڳاپو رکندڙ بيون بيماريون جيئن نه موهيڙا، ندب قبض وغيره به نيڪ ٿي ويون.

( سومچند مونواڻي، الهاس نگر-۴۰ )

# "سمتيءَ جي لائيف ميمبرن جي مختصر واقفيت"

قدرتي علاج پرچار سمتي هڪ رجسٽرڊ پبلڪ سماجڪ سنستا آهي. سنستا جو سال ۱ جنوريءَ کان ۳۱ ڊسمبر آهي. سنستا جو ساليانو چندو ۳ روپيه ۽ حياتيءَ ڀر جو چندو ۱۰۱ روپيه آهي.

صحت پريمين کي وينتي آهي ته سمتيءَ جا ميمبر ٿي، اسان کي ڪاريه هلائڻ لاءِ تن، من، ڌن جي ڀيٽا ڪري مدد ڪريو. سمتيءَ جي جوڙجڪ، لائيف ميمبرن کي خاص ملندڙ سهوليتن وغيره لاءِ روبرو ملو يا هن سان لکو:-

جنرل سيڪريٽري:

**قدرتي علاج پرچار سمتي**

اي-۲۹۷، دس چالي، الهاس نگر-۴.

* سمتيءَ جا موجوده لائيف ميمبرن جا نالا ۽ ائڊريسون هيٺ ڏنل آهن *

۱- شري يوڳراج چاپڙيا، ۱۸۲، پلسيڪر ڪالوني، اندور-۲.

۲- شري پرسرام لالواڻي بئرڪ ۲۰۱۱، الهاس نگر-۵.

۳- شري دولترام آسراڻي، سروديه هائوسنگ سوسائٽي، ٽاٽا.

٤- شري ڏيپچند گرناڻي، سروودي هائوسنگ سوسائٽي، ٿاڻا.

٥- ” ايشور ڪتواڻي، پريمنگر هائوسنگ سوسائٽي ٿاڻا.

٦- ” ليڇمڻ ايسراڻي ” ” ” ”

٧- ” ايس - پارواڻي ” ” ” ”

٨- ” نانڪ مونواڻي بئرڪ ١٠٣٧، او- ٽي الهاسنگر ٣

٩- ” نرمل سياچنداڻي ” ١٢٩٤، ” ” ٤

١٠- ” ڪشنچند شهاڻي، ١٢-اي وشنو محل، ڊي روڊ، چرچگيٽ بمبئي ٢٠.

١١- ” پرسرام پمناڻي، امر جيون، ورلي سي فيس بمبئي ١٨.

١٢- ” ڪنعيالعل روچلاڻي، ايڪسپريس انڊسٽريز ٣١٧ عبدل رحمان اسٽريٽ، بمبئي ٣.

١٣- سردار گرداس سنگهه آئلسنگهاڻي، سي بلاڪ الهاس نگر - ٤.

١٤- شري اٿر ناگپال، بئرڪ نمبر ٨٣٧/٧، ” ٣.

١٥- ” ويڙهومل دوداڻي، ٦١، پنپيتا، ڪولابا، بمبئي - ٥.

١٦- ” سنمکه ايسراڻي، واڪو ريڊيو، الهاس نگر ٤.

# NO MORE DRUGS

## NATURE ALONE CURES

Are you a chronic patient? Do you suffer from any so called incurable disease? Have drugs disappointed you?

**NO NEED TO LOSE HOPE YET**
**NATURE CURE CAN HELP YOU**

The indoor and outdoor patients are treated by Hydropathy, Steam Bath, Scientific Massage, Diet Reform, Fasting, Right thinking etc. in our Health Home.

While under going treatment the patients are thaught the principles of Nature Cure so that they may become their own Doctors.

Consult:- BHOJRAJ CHHABRIA
Director, Nature Cure Home,
182, Palsikar Colony, INDORE-2.

---

تندرست رهڻ چاهيو ٿا ته پڙهو...

**بنا دوا علاج**

( ليکڪ :- ڊاڪٽر ڀوڄراج ڇابڙيا )

هن ڪتاب ۾ مکيه بيمارين جيئن ته قبضي، گئس، مورڪا بواسير، مٿي ۾ سور، ننڊ نه اچڻ، سڀن دوش، دم، هاء بلڊ پريشر، زڪام، ٽانسلس، اپينڊيسائيٽس، سنڌن جو سور، مرگهي، هسٽريا، ليوڪوريا، ايگزيما، مٺن پيشابن ۽ پايوريا جو بنا دوا ۽ بنا آپريشن قدرتي علاج ۾ ڄاڻايل آهي.

قيمت ڏيڍ رپيو. ٽپال خرچ ٩٠ پئسا الڳ.

گهرايو :- **امڪ يا سنڌي ٻڪسيلرن وٽان**

With Best Compliments
&
All Good Wishes
From:

# H. P. MODI & CO.

**'Modi House'**
**177, Nagdevi Street,**
**BOMBAY-3. (BR)**

Telephones: (Office : 326753
(Works: 375847

Leading Manufacturers of :-
DRUMS, KEGS & CONTAINERS
For Industrial Purposes.

**With best compliments from:**

Gram: "VIRTUE" (*) (*) Phone: Offi. 325488 / Fac. 51521

## Ofipin Private Limited

**Makers of Quality Pins & Clips and all Types of Electro Platers.**

397, Shaikh Memon Street, BOMBAY-2.

---

**WITH BEST COMPLIMENTS FROM:**

## Harsukhlal G. Mehta

BROKERS FOR
ALL & EVERY TYPE OF
ENTITLEMENTS UNDER
EXPORT PROMOTION SCHEMES.

Amar Chambers,
97, Kazi Syed St.,
BOMBAY-3.

Ph: 327472
324002
476 01
476530

Grams : JADESWAR

---

Cable : **Gopikishan** Phone: (Fact. : 573112 / (Office : 311108

**With Best Compliments From:**

## Maharashtra Plastic Industries

Regd. Office:
312, Kalbadevi Road,
BOMBAY-2 BR

Works:
Subhash Nagar,
Off. Caves Rd., Jogeshwari (East)
BOMBAY 60 NB.

WITH BEST COMPLIMENTS
FROM:

Grams: LEMUIR Phone: 258421

Telex No. 2 3 0 4
Answer Back Code : LEMUIR BY

# Lee & Muirhead

**(INDIA) PRIVATE LTD.**

12, RAMPART ROW, FORT, BOMBAY-1,
INDIA.

Approved by : I. A. T. A. S. & Member of
F. I. A. T. A. and T. A. A I.

Branches at : DELHI–CALCUTTA–MADRAS
AHMEDABAD--MARMAGOA.
Agents throughout the world.

**Clearing - Shippin - Travel - Insurance**
**Warehousing - Transport - Air Freight.**

# نروگ۾ جيون قدرت جي امولھ سوغات آهي.

صحت قائم رکڻ لاءِ يا وڃايل تندرستي حاصل ڪرڻ لاءِ قدرتي علاج ئي هڪ سستو، سولو ۽ بنا خطري وارو رستو آهي. قدرتي علاج سمجهڻ ۽ اپنائڻ لاءِ صحت سڪيا ساهتيه پڙهو.

**نوٽ:-** پوسٽ رستي گهرائڻ لاءِ مهرباني ڪري ملڻ ۽ ٽپال خرچ اڳواٽ موڪليو. وڌيڪ خبرچار لاءِ موٽ ٽپال خرچ موڪلڻ جي پڻ ڪريا ضرور ڪريو.

اسانجا ڇپايل پستڪ هيٺ ڏنل بڪسيلرن وٽان پڻ ملي سگهندا.

١. ايل - ڪشنچند انڊ سنس — الهاس نگر - ٢.
٢. جڳديش بڪ سيلرس — ” ٢.
٣. هيرا بڪ سيلرس — ” ٣.
٤. ريلوي اسٽيشن بڪ سٽال — ” ٤.
٥. بڪ لورس ڪارنر، ڏوبي تلاءُ، — بمبئي - ٢.
٦. سندر بڪ سٽال ۽ لئبرري، گرگام روڊ، — ” ٢.
٧. شري يوڳراج چاپڙيا، ١٨٢ پلسيڪر ڪالوني اندور ٢.
٨. سردار سيال، نانڪ جو پيڙو، — اجمير.
٩. قدرتي جيون صلاح گهر، — الهاس نگر - ١.

ٻين شهرن ۾ وڪري لاءِ ايجنٽ گهربل آهن.



PLAN SHOWING
THE ROUTES TO THE
NATURECURE ASSOCIATION OFFICE
BLOCK NO. 297A
CAMP NO. 4
N
REFERENCES:-
RAILWAYS........
MAIN ROADS....
PATHS............
BLOCK NO. 297A...
RD. TO CAMP 3
TO KALYAN
ULHASNAGAR RLY. STATION
RIVER
O.T. SECTION CAMP 3
RLY. PHATAK
WATER PUMPING MACHINE
TO AMBER
466
467
461
475
493
CHAKI
ROAD TO CAMP 4
VINUS CINEMA
GOVT. SHOPS
GOVT. SHOPS
SHAMSHAM BHUMI CAMP 4
240
244
288
PIPAL TREE
MATERNITY AS PER M. PLAN
HOSP. AS PER MASTER PLAN
108
193
C.270
C.120
SHOPS
211
196
21
20
PRABHAT CINEMA
ROAD TO KURLA
NETAJI HIGH SCHOOL
ROAD TO CAMP 5
ROAD TO OHUON NAKA CAMP 5

# ✵ آدرش سوکڙي ✵

* تندرستيءَ بابت ڪتاب *

١- وڏن ڏينهن، شڀ موقعن، جنم ڏن خواه شادين لي پنهنجي پيارن مترن کي تندرستيءَ بابت ڪتاب سوکڙيءَ طور ڏيو.

٢- تندرستيءَ بابت ڪتابن جون گهڻيون ئي ڪاپيون خريد ڪري عزيزن ۽ دوستن کي پيٽ ڪري، کين تندرستيءَ جو گيان ڏيڻ جي شيوا ڪريو.

٣- سرڳواس ٿيل پنهنجي پوڄيه ۽ پيارن مترن جي پويتر يادگيري ۾ تندرستيءَ بابت ڪتابن ڇپائڻ سان سندن يادگيري امر رکو.

٤- تندرستيءَ بابت ساهتيه پرچار ۾ انسان ذات جي ڀلائي سمايل سمجهي، پاڻ پڙهو ۽ ٻين کي پڙهايو.

٥- پنهنجي گهر، اسڪول، ڪاليج خواه شهر جي لئبرريءَ کي تندرستيءَ جي قدرتي علاج بابت ڪتابن سان سينگاريو.

---


**With Best Compliments From:**

**SHAMA FIREWORKS INDUSTRIES**

Mfg: of Fancy Fireworks Which Beat The Best

Our Brands:- SWAN, SHAMA, BABA Etc.

H.Q. Acharya Kripalani Rd.
P.O. Box 39, Jalgaon (M.S,)
Phone: 193 & 560
Gram: "SHAMA"

B.O. 142 Samuel St.
Bombay 9. (B R)
Phone: 325521
Gram: "PHULJHARI"

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ "لُڙهندڙ نسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪانئُو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بـہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بيـن لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِيـن. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَـٻِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَ پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيِٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪـو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَـنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پڄاڻدڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ڪي پاڻَ تي اِهو سوچي مڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ ٻڌ ڪان ٻڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)